# 2
# - علامه امداد علي ولد ميان امام علي قاضي

(حيدرآباد)

قاضي صاحب جا وڏا انصاري اندان مان اصل پاٿ جي شهر جا ويٺل هئا، سندن چوڻ آهي ته اهي محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ ۾ آيل هئا. پاٿ جو ڳوٺ 603ھ ۾ ٻڌو ۽ ان جو اصل نالو باتر(پاتر) هو.

علامه صاحب جي والد مرحوم قاضي ميان امام عليءَ، سرڪاري ملازمت جي ڪري پاٺ مان اچي حيدرآباد شهر ۾ سڪونت اختيار ڪئي. حيدرآباد شهر ۾ ان وقت سيٺ محمد حافظ بااثر ۽ بيٺل ماڻهو هو. قاضي امام عليءَ جن ان جي وڏيءَ نياڻيءَ سان شادي ڪئي، جنهن مان قاضي ميان امداد علي اپريل 1886ع ۾ تولد ٿيو.

ابتدائي تعليم آخوند ميان عبدالعزيز وٽ ورتائين، جيڪو سندس والد صاحب خاص سندس تعليم لاءِ مقرر ڪيو هو. ان وٽ هو قرآن مجيد ۽ فارسي پڙهيو. مرحوم قاضي امام عليءَ کي ان ڳالھ جو گھو فڪر هوندو هو ته سندس فرزند جو عام بازاري ڇوڪرن سان ملڻ نه ٿئي؛ ان ڪري جڏهن اسڪول ۾ ڏهن سالن

Gul Hayat Institute

جي عمر ۾ ڪيس داخل ڪرايائين، تڏهن مٿيون آخوند صاحب ڪيس اسڪول ۾ وٺي ويندو هو ۽ وري موٽائي گهر آڻيندو هو. 1902ع ۾ قاضي صاحب ڪي صوفي فقيرن جي صحبت نصيب ٿي، جن مان ڪي پاٽ جا ۽ ڪي حيدرآباد جا هئا. انهن ۾ احمد فقير ٿيٻو خاص هو. 1904ع ۾ قاضي صاحب خانگي طرح سنڌي فائينل جي تياري ڪري، امتحان ڏنو، جنهن ۾ فارسيءَ ۾ پهريون نمبر کنيائين. 1905ع ۾ وري خانگي طرح بمبئي يونيورسٽيءَ جو مئٽرڪ امتحان ڏيئي ڪامياب ٿيو. 1906ع جي مارچ ۾، قاضي صاحب ۽ سندس ماسات، ميان محمد عبدالقادر حافظ، ولايت ڏي پڙهڻ ويا. اُتي هڪ سال هن خانگي طرح ايڪانامڪس (اقتصاديات) جي تعليم ورتي. 1909ع ۾ لنڊن اسڪول آف ايڪانامڪس ۾ داخل ٿي، ڊاڪٽر ڪئنن وٽ پڙهيو. ساڳئي وقت ۾ ڪنگس ڪاليج لنڊن ۾، ڊاڪٽر برائون وٽ سئڪالاجي(نفسيات) جي تعليم ورتائين ۽ فلاسافي ڊاڪٽر آرنولڊ وٽ پڙهيو. اهي پروفيسر هاڻ پنهنجي دؤر جي عظيم استادن ۾ شمار ٿين ٿا. قاضي صاحب اتي طبعيات (فزڪس) ۽ علم الحيات (بايولاجي) خانگي طرح پڙهيو. 1910ع ۾ جرمنيءَ ويو ۽ سچو سال اتي رهيو. انهيءَ عرصي ۾ ايلسا قاضيءَ سان سندس شادي ٿي. 1911ع ۾ بئريسٽريءَ

Gul Hayat Institute

جي ڊگري وٺي واپس وطن موٽي آيو. موٽڻ بعد مختلف علوم جو مطالعو جاري رکيائين. وقت بوقت جڏهن به ولايت ويو آهي، ته باوجود وڏيءَ عمر جي به مختلف استادن کان تعليم پئي حاصل ڪئي اٿس، جيئن ته 1932-33ع ۾ شيخ گوما، الازهر کان، ۽ لنڊن اسڪول آف اورينٽل اسٽڊيز ۾، عربيءَ جي تعليم ورتائين ۽ پروفيسر ڊاڪٽر ٽريٽن کان به عربي سکيو.
1911ع کان وٺندي 1942ع تائين قاضي صاحب ڪجھ وقت سنڌ ۾ گذاريو، ته ڪجھ وقت انگلينڊ ۾، وطن ۾ رهائش واري عرصي ۾ ڪجھ وقت ٺٽي محمد خان ۾ مئجسٽريٽ ٿي رهيو. ڪجھ عرصو خيرپور رياست ۾ سيشن جج ۽ رياست جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو هوم ميمبر ٿي رهيو ڪجھ عرصو لنڊن اسڪول آف اورينٽل لئنگوئجز ۾ سنڌي زبان جو استاد ۽ ممتحن ٿي رهيو. اهو عهدو اعزازي هوس.
انگلينڊ ۾ 1942ع ۾ قاضي صاحب کي شعر جي انجمن (Poetry Society) جو نائب صدر چونڊيو ويو. ان عهدي تي هو 1948ع تائين رهيو. 19299ع ۾ کيس انگلينڊ جي فلاسافيڪل سوسائٽيءَ جو لائيف فيلو (تاحياتء ميمبر) مقرر ڪيو ويو.
قاضي صاحب ڪجھ وقت لنڊن شهر ۾، 1927ع کان 1929ع تائين اسلامي تبليغ جو ڪم ڪيو. لنڊن جي

ايسٽ اينڊ ۾ هڪ مرڪز ڪوليائين، جنهن ۾ لنڊن جا ڪيترا عرب ۽ ٻيا مسلمان رهاڪو شامل هئا. تحريڪ جو نالو ”جمعيت المسلمين“ رکيو ويو هو. 1933ع ۾ قاضي صاحب، برنارڊشا جي مشهور ڪتاب ”ائڊوينچرس آف بليڪ گرل ان سرچ آف گاڊ“ جي نموني تي هڪ ڪتاب ”ائڊوينچرس آف برائون گرل ان سرچ آف گاڊ“ لکيو.

پاڪستان قائم ٿيڻ بعد هو انگلينڊ هليو ويو؛ پر پوءِ ڇئن سالن گذرڻ تي، ڪن دوستن جي زور پرڻ تي واپس موٽي اچي اپريل 1951ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلريءَ جي چارج ورتائين. سنڌ يونيورسٽيءَ جي حيثيت ان وقت فقط امتحان وٺڻ جي بورڊ واري هئي، ان کي قاضي صاحب محنت ڪري، تعليمي يونيورسٽي بڻايو. پاڪستان ۾ مارشل لا اچڻ بعد جلد ئي ٻئي سال 1959ع جي مئي مهيني ۾ هن وائيس چانسلريءَ تان استعيفيٰ ڏني.

1960ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي استدعا تي هن شاھ لطيف جي پيغام کي انگريزيءَ ذريعي مختلف قومن تائين پهچائڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. ان سلسلي ۾ هڪ ننڍو انگريزي ڪتاب ۽ ”شاھ جو رسالو“ (نئين ترتيب سان) ڇپجي چڪا آهن. مسز قاضي جي مدد سان شاھ جي مکيه بيتن جي انگريزي منظوم ترجمي جو ڪم پڻ

Gul Hayat Institute

پورو ڪيو اٿس، جو پڻ هڪ لاجواب ڪتابي صورت ۾ ڇپجي چڪو آهي. هن وقت پاڻ حيدرآباد ۾ رهن ٿا. منهنجي قاضي صاحب سان نندپڻ کان پرپٺ واقفيت ٿي. منهنجي چاچي سيد چٽن شاھ، حيدرآباد جي سرائي يعقوب علي خان ناريجي وٽان شادي ڪئي هئي. اهي ناريجا شاھ حيدر عليھ رحمت جا مريد ۽ سرائي ڪوڙي خان جي اولاد مان هئا، جنهن جي نالي سان اڃا تائين حيدرآباد ۾ هڪ چاڙهي سڏجي ٿي. قاضي صاحب جي نندپڻ جي شادي، ميان يعقوب علي خان ناريجي جي نَنڍيءَ نياڻيءَ سان ٿي هئي. ان سان ولايت ۾ ٻيءَ شاديءَ ڪرڻ بعد، تعلقات نه رهيا هئس. اها مائي مٿئين لاڳاپي ڪري اڪثر اسان وٽ رهندي هئي. جنهن مون کي نپائڻ ۾ حصو ورتو هو. انهيءَ کان قاضي صاحب جو نالو ۽ علمي واقفيت جو پتو پيل هو. لوڪل بورڊ جي سلسلي ۾ جڏهن ڪراچيءَ ۾ رهڻ لڳس، تڏهن 1927ع کان قاضي صاحب سان براہ راست واقفيت ٿي.

مون پنهنجي احوال ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي ته ڪتابن پڙهڻ ۽ غور فڪر بعد مون کي مذهب جي عام بيان ڪيل عقيدن بابت ڪيئي شڪ شبها پيدا ٿيا هئا. انهيءَ جي حل ڪرڻ لاءِ ڪيئي در ڏسڻا پيا هئم. ٿياافيڪل سوسائٽيءَ ۾ به اڪثر ويندو هوس. اُتي قاضي صاحب

Gul Hayat Institute

جي ملاقات ٿيڻ بعد، وٽس وڃي مختلف سوالن تي تفتيش ڪندو رهيس. انهيءَ وقت کان ساڻس عقيدتمندانه رستو قائم رهندو اچي. سندس ملاقاتن ۾ مجلسن منهنجي معلومات ۾ ڪافي اضافو ڪيو. ڪيس پنهنجي ذهني استادن ۾ شمار ڪريان ته بيجا نه ٿيندو. سندس نصيحت آميز خطن جو ڪافي مجموعو مون وٽ محفوظ آهي.

ان کان پوءِ جڏهن به ڪراچيءَ هوندو هوس. تڏهن سندس مسلم هاسٽل جي جمعي نماز واري خطبي پڙهڻ لاءِ ضرور ويندو هوس؛ البت پوءِ سياسي معاملن ۾ ڦاسڻ جي ڪري باهمي ملاقاتن ۾ ناغا پئي پيا آهن، ليڪن عقيدت ۽ محبت ساڳي قائم رهندي پئي اچي. نه رڳو علمي طور سندس صحبت مان مستفيد پئي رهيو آهيان، پر سياسي فيصلن يا خيالن ۾ به سندس مدد پئي ورتي اٿم. 3 مارچ 1943ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيل آل انديا مسلم ليگ اجلاس ۾ صدر استقباليه طور جو خطبو پڙهيو هوم، اهي پيئي سندس صلاح ۽ رهبريءَ سان تيار ڪيا هئم. 1945ع ۾ پهريون دفعو جڏهن جناح صاحب سان مسلم ليگ پاليسيءَ جي سوالن تي اختلاف پيدا ٿيا هئم ۽ اوچتو جناح صاحب اڳيان بنا شرط جي سر تسليم خم ڪيو هوم، اهو به سندس هدايت ڪري ئي هو.

Gul Hayat Institute

پاڪستان ٺهڻ بعد، حالات ناسازگار ڏسي، جڏهن هو ولايت هليو ويو هو، تڏهن ڪيس موٽائي آڻڻ ۽ وائيس چانسلري قبول ڪرائڻ لاءِ ڀين سان گڏ مون به ڪوشش ڪئي. پاڪستان بنجڻ بعد مسلم ليگ وارن، فقط اقتدار قائم رکڻ خاطر اسلام جي غلط تشريح ذريعي جڏهن عوام کي گمرراه ڪرڻ شروع ڪيو، تڏهن هن ان تي پنهنجي آزادانه راءِ جو اظهار ڪيو؛ ليڪن هنن جي اها ڳالهه ڪنهن به نه ٻڌي.

سندس مذهب بنسبت خيالات ته ”دنيا ۾ مذهب گهڻا نه آهن، بلڪه هڪ آهن؛ خدا سائين هر ملڪ، قوم ۽ زماني ۾ ماڻهن جي هديت لاءِ رهبر موڪليا آهن، جن حالتن ۽ ضرورتن آهر مختلف ٻولين ۾ لفظن ۾ ماڻهن کي سندس پيغام پهچايو ۽ جنهن جا بنيادي متا هر حالت ۾ ساڳيا هئا: اسلام ۽ مسلمانن کي ڪنهن خاص ملڪ ۾ محدود ڪرڻ اسلامي روح جي خلاف آهي. وغيره“ مون تي گهڻو اثر ڪيو آهي.

هن زماني ۾ جڏهن مذهب جا بنيادي اصول مٽيريلزم جي نظريي سان ٽڪرجي، موت ۽ حياتيءَ جي مقابلي ۾ مشغول آهن، تڏهن مذهب جي مدد ۽ تشريح لاءِ قاضي صاحب جهڙن بزرگن جي ضرورت آهي، ليڪن حاڪم طبقي طرفان اسلام جي فسطائي تشريح کي مشتهر ڪرڻ ۽ ملن جي باهمي فرقيوارانه اختلاف

ايڏو ته هنگامو مچايو آهي، جو اهڙن بزرگن جو حق ۽ اخلاص وارو آواز نقار خانه ۾ طوطي جي آواز برابر ٿو وڃي رهي. نتيجو اهو نڪري رهيو آهي، جو نوجوان طبقو، ردعمل ۾، روز بروز مذهب مان بيزار ٿيندو ٿو وڃي.

قاضي صاحب گوشه نشين، بلند اخلاق، استغنا جو صاحب، نازڪ مزاج، ۽ اعليٰ مفڪر انسان آهي، سندس وجود سنڌ لاءِ باعث فخر آهي. ”اي روشنيءَ طبع برمن بلاشدي“وانگر موجوده حالتون کيس تنگ ڪري، زياده نازڪ مزاج بنائي رهيون آهن. خدا کيس وڏي عمر عطا ڪري.

”وڏي وٿ آهن پاروچا پنپور ۾.“

سندس بيگم ايلسا قاضي بهترين مصوره، شاعره ۽ اديبه آهي؛ جنهن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن، جيڪي ادب جي  دنيا ۾ شاهڪار آهن. اڪثر دنيا جا اعليٰ پايي جا عالم  رفيق حيات ملڻ ۾ اهڙا خوش نصيب نه پئي رهيا آهن، جهڙوڪ؛ قاضي صاحب. انهيءَ سلسلي ۾ رشي ٽالسٽاءِ جي زندگيءَ کي جڏهن قاضي صاحب جي زندگيءَ سان ڀيٽ ڪجي ٿي ته زمين، آسمان يا بهشت ۽ دوزخ جو تفاوت ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مسلم  عوام جو خواب غفلت ۾ ستل هجڻ، پڙهيل طبقي ۾ قدر شناسي نه هئڻ، پاڪستان ۾ موجوده سياسي

ماحول، هڙي حساس دل ماڻهوءَ لاءِ ناقابل برداشت آهن، پر اهو مسز قاضيءَ جو وجود آهي، جو كيس آٿت ڏيندو اچي. خدا شال جوڙي كي سلامت ركي:
”مون سي ڏٺا ماءُ، جنين ڏٺو پرينءَ كي.“

## 3- مسٽر چينمل پرسرام گلراجاڻي

(حيدرآباد)

هي صاحب حيدرآبادي عالمن جي گلراجاڻي كٽنب مان حيدرآباد شهر ۾ 1885ع ۾ ڄائو هو. هي اهو سال هو، جنهن ۾ آل انڊيا كانگريس جو پايو پيو هو. هن ابتدائي تعليم حيدرآباد شهر ۾ ورتي، سنڌي پڙهڻ كان پوءِ، انگريزي پڙهيائين، ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته كاليج جي كا به ڊگري حاصل كري نه سگهيو هو.

هن كي ننڍي هوندي كان ست سنگت جو شوق هوندو هو. انهيءَ زماني ۾ هك كاليجي شاگرد، مسٽر واڌو مل چئناڻيءَ، هك ”هندو كمار منڊلي“ قائم كئي هئي، جنهن ۾ نوجوان شاگردن كي گيان ۽ كرم جي سكيا ني ويندي هئي ۽ منجهن سماجي خدمت جو انگ پيدا كيو ويندو هو. هيءُ ان ۾ شامل ٿي كم كرڻ لڳو. انهن شاگردن جو صوفي متي ۽ ٿياسافيءَ جي تعليم طرف لاڙو هوندو هو. سندن متا ”حق، حسن، خير“ (Truth, Beauty, Goodness) هوندا هئا.

انهيءَ وقت ۾ ڀائي ڪلاچند نالي هڪ درويش حيدرآباد ۾ رهندو هو. جو ڀائي ڪيشورام جو شِش هو، جنهن ڀائي دلپت صوفيءَ کان گيان ورتو هو.انهيءَ جي ٽڪاڻيءَ ۾ هر ڇنڇر رات ست سنگت ٿيندو هو، جتي صوفي درويشن جو راڳ ٿيندو هو. ڀائي ڪلاچند پاڻ به ڳائيندو هو ۽ ڳائيندي وجد ۾ اچي ويندو هو، جنهن جو اثر ساريءَ مجلس تي ڇانئجي ويندو هو. ڪاڪو منگهارام ۽ واڌو مل ڇِئناڻي صاحب اتي ويندا هئا.
انهيءَ زماني کان وٺي هيءَ نوجوان روحاني رمزن جي ڳولا ۽ اڀياس ۾ مشغول رهيو.
انهيءَ ڏس ۾ پوءِ هن شاهه عبداللطيف، سچل سرمست، سامي، دلپت، بيدل، بيڪس، روحل، مراد فقير ۽ ٻين ڪيترن سنڌي صوفين جي شعر جو اونهو اڀياس ڪيو. پاڻ به ڪجهه شعر چيائين، تخلص ”گلراج“
هوس.ازانسواءِ هندستان جي مکيه درويشن: گرو نانڪ، ڪبير ڀڳت، ميران ٻائي، ڪاليداس، جي ڪلام مان به پوري واقفيت پرايائين. نه رڳو ايترو پر مغرب جي مکيه شاعرن شيڪسپيئر، شيلي، ٽينيسن، گوئٽي ۽ ٻين جي ڪلام کي به پوريءَ طرح پروڙيو هئائين. پارسي شاعرن مان رومي، حافظ، خواجه فريدالدين عطار ۽ منصور جي نقطن مان به واقفيت هيس.



Gul Hayat Institute

هن دنيا جي مکيه مذهبن جو اڀياس ڪيو هو. سناتني ڌرم، صوفي ست، سک، پنٿ، ٻڌ ڌرم ۽ عيسائيت جي ڪتابن جي چڱي ڄاڻ هيس. قرآن شريف، ويد، شاستر، سري مد ڀاڳوت، گيتا ۽ بائيبل جو گهڻو اڀياس ڪيو هئائين. ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ ۾ داخل ٿيڻ ڪري روم ۽ يونان جي قديم روحاني تعليم مان به سبق پرايا هئائين. انهيءَ کوجنا بعد هو انهيءَ راز کي پروڙي ويو هو ته جملي مذهبن جي ظاهري ڪثرت پٺيان بنيادي وحدت سمايل هئي. سنڌي شاعرن ۽ درويشن جي ڪلام ۾ ا به اهڙي تعليم جو جوهر سمايل ڏٺو هئائين. چوندو هو ته سنڌ ديس کي انهيءَ ڏس ۾ دنيا لاءِ خاص پيغام ڏيڻو آهي، جو سندس درويشن پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪيو هو. پاڻ سچي چمار انهيءَ پيغام جو مشنري ٿي گذاريائين. سندس زبان مان روحل فقير جو هي بيت هميشه چوندي ٻڌبو هو ته:

”هڪ هندو ٻيا مسلمان، ٿيون وچ وڏائون وير،
انڌن اوندهه نه لهي، تن کي سچ چوندو ڪير!
روحل راهه پرين جي، جڏهن گهمي ڏٺوسون گهيڙ،
ته رب مڙني ۾ هيڪڙو، تنهن ۾ ڦند نه ڦير.

هن کي تقرير ۽ تحرير ۾ خداداد ڏات هئي، هو تقرير وقت گيتا، گرنٿ، قرآن شريف، انجيل، شاهه، سچل، شيلي وغيره مان حوالا ڏيندو ويندو هو.



Gul Hayat Institute

هن تي ڊاڪٽر اينِي بيسنٽ جو خاص اثر ويٺل هو، جنهن حيدرآباد ۾ نيشنل ڪاليج، ڦليليءَ تي 1917ع ۾ برپا ڪرايو هو- ڪيس ان ۾ 1933ع ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر ڪري رکيو ويو هو.

هن سياست ۾ به چڱو بهرو ورتو. جڏهن 1918ع ۾ ڊاڪٽر اينِي بيسنٽ هوم رول ليگ جاري ڪئي هئي ته رئيس غلام محمد خان، مسٽر سنتداس منگهارام سان گڏ ان ۾ داخل ٿيو هو ۽ ”پارتواسي“ اخبار ذريعي ان جو ڳوٺ ڳوٺ تائين آواز پهچايو هو. جڏهن رولٽ ايڪٽ خلاف احتجاج ڪرڻ لاءِ هندستان ۾ هڙتال ۽ ميڙ ڪٺي ڪرڻ لاءِ ڏينهن مقرر ڪيو ويو ته ان جي فائدي ۾ هن هڪ زبردست ليک لکيو هو، جنهن جي هيڊنگ شاه صاحب جي هن بيت ان ڏني هئائين:

اڳيان اڏن وٺ، پوين سر سنباهيا،
ڪاٺ ته پوين قبول ۾، مچڻ پائين گهٽ،
ڪلالڪي هٽ، ڪسڻ جو ڪوپ وهي.

انهيءَ تي سرڪار مٿس بغاوت جو ڪيس هلايو. چي، هي ماڻهن کي قتل لاءِ آماده ٿو ڪري. سندس بچاءَ ۾ بمبئي جو بئريسٽر مسٽر بئپستا آيو، ليڪن مئجسٽريٽ ڪيس به سال سزا ڏيئي ڇڏي. 1920ع ۾ آزاد ٿيو ۽ جيل جي سموري احوال کي ”ترنگ جي تيرٿ“ نالي ڪتاب ۾ ڏنائين. هي سنڌ مان ٿيون نمبر هو، جو

آزاديءَ خاطر جيل ۾ ويو هو. سندس آزاد ٿيڻ تي حيدرآباد شهر ۾ ڪيس هار پارائي، سڄي شهر جو گشت ڪرايو ويو. شام جو ڪيس شهر واسين طرفان مانپتر ڏنو ويو. هيءُ پوءِ جي خلافت هلچل کان ٻاهر رهيو- سندس چوڻ هو ته سياست کي مذهب ۾ داخل ڪرڻ ڪري غلط نتيجن نڪرڻ جو امڪان هو. ڊاڪٽر اينِي بيسنت جي جملي پوئلڳن وانگر هي قطع تعلقات هلچل کان به پاسيرو رهيو. ان وقت ملڪ جي هوا، انهن تحريڪن جي فائدي ۾ هئي. هن کي معلوم هو ته هوا جي برخلاف هلڻ ڪري هي سياست ۾ پوئتي رهجي ويندو، پر هن اصولن خاطر اها قرباني ڪئي ۽ حال ڪيس سياسي لسٽ تان لهي وڃڻو پيو.

هن جي ساري زندگي ملڪ ۽ قوم لاءِ وقف ٿيل هئي. هيءُ ساري عمر هاري ۽ مزدورن جو حامي ٿي رهيو. سنڌ هاري جماعت جي اوائلي بانين مان هو ۽ ورهين جا ورهيه ان جو جنرل سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين. هندو- مسلم ايڪتا جو مکيه حامي هو. جڏهن به سنڌ ۾ ڪٿي هندو – مسلم نفاق منهن ڪڍندو هو، تڏهن پير غلام مجدد سرهندي، سنتداس منگهارام ۽ ڊاڪٽر چمنداس سان گڏ هميشه انهيءَ جي دفع ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو هو.

هي بهترين اخبار نويس پڻ هو،



Gul Hayat Institute

پهريائين ”پارت واسي“ اخبار ڪيندو هو.
ان جي بند ٿيڻ بعد ”سنڌ واسي“ اخبار جاري ڪيائين.
پوءِ ماهوار رسالو ”روح رهاڻ“ ،
هفتيوار ”سنڌ هيرالڊ“
۽ ”پرڪاش“ اخبار ڪيندو هو.
سنڌي ساهتيه سوسائٽي 1922ع ۾، برپا ڪئي هئائين، جنهن جي وسيلي سنڌيءَ ۾ وڏو ذخيرو ڪتابن جو ڇپجي ٻاهر نڪتو.
ڪيئي ڪتاب پڻ لکيائين، جن مان ڪن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

1. سناتن ڌرم،
2. صوفي مت،
3. سک پنٿ،
4. اپنشد گيان،
5. انند دربار،
6. آتم ويچار ۽ اوم جي آکاڻي،
7. ميران ٻائي،
8. شاهه جون آکاڻيون، شاهه جي زبان ۾،
9. شاهه جي آکاڻين جي سمجهاڻي،
10. صوفي سڳورا،
11. سچل سرمست،
12. ستگر جي چرنن ۾،

Gul Hayat Institute

13. قول ٿو ڪريان،
14. موت آهي ئي ڪو نه،
15 موت هڪ بهانو،
16. هئمليٽ جو ترجمو،
17. طوفان
18. حسابي حساب،
19. فائوسٽ،
20. ايمرسن،
21. سنڌي سونهارا،
22. جڳت جا نيتائون،
23. سوراج ساگر،
24 سوشلزم،
25. شيڪسپيئر جا سونيٽ،
26 صوفيز آف سنڌ،
27. پورب جوتي.

هن 1931ع ۾ سنڌي ساهتيه ڪانفرنس شڪارپور جي صدارت وقت جا تقرير ڪئي هئي، اها سنڌو مخزن جي ٽن پرچن ۾ ڇپي هئي. جا پڙهڻ وٽان آهي.

هن پنهنجي اديبانه زندگيءَ ۾ ٻن نهايت سخت اختلافي مسئلن ۾ مرد ٿي مقابلو ڪيو.

Gul Hayat Institute

انهن مان هڪ شاهه عبداللطيف جي رسالي مان آنجهاني ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي، جيڪي ڏاريان بيت ڪڍي ڇڏيا هئا، اهو مسئلو هو. ان ۾ ڊاڪٽر صاحب رسالي مان اُهي سڀ بيت ۽ سر ڪڍي ڇڏيا هئا، جي سندس کوجنا موجب شاهه جا نه هئا، ڄيٺمل پرسرام ان جي سخت مخالفت ڪئي. سنڌ جا اڪثر اديب ڊاڪٽر صاحب جا حامي هئا. پر هيءُ ان جي مخالف هو. ڇي، اهي بيت ڏاريان هجڻ جي باوجود به رسالي مان ڪڍڻ نه گهربا هئا؛ صرف اهو لکڻ ڪافي هو ته شاهه جا نه هئا. يا انهن کي رسالي جي پويان ڏيڻ گهربو هو. مسٽر ڄيٺمل اول صوفي هو، پوءِ اديب. هن ادبي نقطه نگاهه عيوض بيتن جي ڏارين هئڻ سبب ڪڍڻ کي صوفيانه ڪسوٽيءَ تي پرکيو ٿي. ڇي، اهي بيت گنج ۾ موجود هئا، شاهه جي مجلس ۾ ڳائبا هئا، تنهن ڪري اڳوڻن سڀني رسالن ۾ داخل ٿي ويا هئا؛ اسان کي شاهه جي پيغام کي ڏسڻ گهرجي؛ جيڪي ڏارين جا شعر سندس مجلس ۾ ڳايا ٿي ويا، تن مان اهو معلوم ٿيو ٿي ته شاهه صاحب انهن بيتن ۾ ذڪر ڪيل نقطن جي مراد سان شامل راءِ هو؛ شاهه صاحب ٻين بزرگن جي ڪن بيتن جو ترجمو ڪيو هو ته ڪن کي ساڳيءَ صورت ۾ رکي پنهنجي تعليم جو جزو بڻايو

هو؛ تنهن ڪري انهن کي ڪهڙيءَ طرح ڪڍي ٿي سگهياسون! اديب ۽ صوفيءَ ۾ اهو فرق هو.

ٻيو اختلاف سنڌي زبان جي صورتخطيءَ ۾ ڌارين زبانن مان ورتل لفظن جي بيهڪ تي هو. سنڌ جا ڪيترا مسلمان اديب، اسلام جي مُلا واريءَ تشريح جا قائل هئڻ ڪري، هر ڳالھ کي عربيت کي ترجيح ڏيندا هئا. سنڌي صورتخطي عربي- فارسي خط ۾ هئڻ سبب سندن راءِ موجب ان کي هر طرح عربي قانون جي ماتحت لکڻ ضروري هو- جهڙيءَ طرح ”پاڻيءَ“ ۾ زير ”ڻ“ هيٺ اچڻ گهربي ۽ ”ي“ تي جزم هئڻ گهربي هئي، مسٽر چيٺمل جي راءِ موجب زير ”ي“ هيٺ هئڻ گهربي هئي ۽ ”ڻ“ خالي ڇڏڻو هو ۽ لفظ ”سپاڻي“ جي سنڌ ۾ عام ٿي وڃڻ ڪري اهو ضروري نه آهي ته ان کي وري زور ڪري اصل ورتل زبان عربي وارو ”صبحاڻي“ لفظ ڪري ڪتب آڻجي. سنڌ زبان سنسڪرت، عربي، فارسي، دراوڙي، منگول، انگريزي زبانن مان ڪيترا لفظ وٺي، انهن کي پنهنجو بنائي ڇڏيو هو؛ تنهن ڪري جيڪڏهن سڀني لفظن کي موٽائي اصل حالت ۾ آڻڻو هو ته پوءِ تبديليءَ جي حد ئي ڪا نه رهڻ واري هئي. ”ماڻهو“ کي ”منش“ چوڻو هو. ڇاڪاڻ ته اهو لفظ سنسڪرت تان

ورتل آهي! فرنگيءَ کي فرئنڪ چوٽو هو، چاڪاڻ ته اصل فرينچ هو. جمع واحد جا قاعدا به ساڳيا ڪتب آڻتا هئا. پر نون پڙهيل مسلمانن اديبن تي هر ڳالهہ ۾ مذهب جو پوت ويٺل هو، تن سندس سخت مخالفت ڪئي ۽ هن جي انهيءَ راءِ کي هندو ذهنيت قرار ڏنو.
مسٽر ڇيٺمل جي مخالفن کي کهڙي خبر هئي ته، اسلام جي صوفياڻي تشريح موجب، هو پاڻ اسلام جو ڪانئن وڏيڪ ڇاڻو ۽ عامل هو. ازانسواءِ هو پڪو سنڌي هو ۽ جديد فلسفه قوميت جي اصول مطابق هر ڳالهہ کي سنڌي ويس پهرائڻ جو قائل هو. ٻئي طرف، سندس مخالف سنڌيت کان اڻواقف هئڻ ڪري هر ڳالهہ کي ڪٽر مسلمان ويس پهرائڻ جا حامي هئا. انهيءَ ذهنيت ته سنڌ جي اصلي باشندن جا نسل بدلائي ڪن کي سيد، ڪن کي فاروقي، صديقي، قريشي، حمزه جو اولاد، وغيره بنائي ڇڏيو هو. اهڙين نظرين جي پاداش ۾ ئي وطن ۽ زبان جي ختم ٿيڻ جا راڳ ٻڌڻا پوندا آهن.
مسٽر ڇيٺمل جي مون سان واقفيت 1929ع جي اول ۾، ضلعي لوڪل بورڊ ڪرچيءَ جي پريزيڊنٽيءَ وقت، مسٽر گبسن سان اختلاف ٿيڻ بعد ٿي. حاتم علويءَ جڏهن منهنجي گشت وقت واقع ٿيل سرگذشت جو ساڻس احوال ڪيو ته هن چيو ته: رئيس پرڳڙيءَ کان پوءِ هن نوجوان زميندار ڪامورن جي مخالفت شروع

ڪئي آهي، ان ڪري هن سان ضرور ملبو. پوءِ جيئن واقفيت ٿي، تيئن اها آخر وقت تائين هلندي آئي. هو منهنجو سياسي مددگار ۽ صلاحڪار، تصوف ۾ استاد، دوست ۽ پاڻُ ٿي پئي رهيو، جيڪڏهن ڪنهن به هڪ انسان منهنجي زندگيءَ تي گهڻي ۾ گهڻو اثر ڪيو ته اهو پاڻُ ڄيٺمل هو. ڪراچي لوڪل بورڊ جي گشت ۾ مون سان ساڻ هو. سنڌ ۾ ڪوآپريٽو تحريڪ جي زور وٺائڻ ۾ سندس هٿ هو. ڳوٺ سڌار هلچل سندس صلاح ۽ مشورن سان هلندي هئي. صوفي سماگم، صوفي راڳ جون مجلسون سندس موجودگيءَ سان ڀڪنديون رهنديون هيون. ڪانگريس سان اختلاف ٿيڻ وقت هن منهنجي مدد ڪئي.

ان جي معنيٰ اها نه آهي ته هر ڳالهه ۾ ڪٺا هوندا هئاسون، جڏهن الهه بخش وزارت خلاف مسلم ليگ منزل گاهه مسجد جو سوال هٿ ۾ ڪنيو. تڏهن اول ۾ آءُ ان جي خلاف هوس، پر جڏهن ڪيترا صاحب آرڊيننس پاس ٿيڻ ڪري ماٺ ڪري ويٺا ته مون وڃي ڪم هٿ ۾ ڪنيو. ان قدم کان باز اچڻ لاءِ هن مون کي گهڻو سمجهايو. مسٽر جمشيد ميهتا، هن ۽ ٺهراماڻيءَ هڪ هنڌ تي گڏجي، مون کي چيو ته: سياسي ڳالهين ۾ مذهبي ڳالهه کي ٺپائي آڻڻ سنڌ جي قديم روايات جي خلاف هو ۽ ان مان نقصانڪار نتيجن

نڪرڻ جو امڪان هو. پر آءُ ان وقت ردعمل جي گهوڙي تي سوار هوس. مون چيو مان ته ”الھ بخش جي وزارت وڏو بت هئي، ان کي ٽوڙڻ لاءِ هر هشيار هلائڻ کان ڪين گسندس.“ آخر آءُ جيل ۾ ويس. هندو-مسلم فساد ٿيا. سنڌ جا اڪثر هندو ناراض ٿيا. ليڪن چيٿمل ٺهلراماڻي دل ڪوسي نه ڪئي ۽ جيل ۾ به ملندا رهيا. اهڙا ڪيترائي موقعا ٿيندا هئا جو ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جا دوست چوندا هئا ته تنهنجي هن ڪم ڪري دادا ڏاڍو ڪاوڙيو آهي، هاڻ چوي ٿو ته هي سنگت کان نڪري ويو آهي. خصوصاً ان وقت، جڏهن مسلم ليگ ۾ داخل ٿي. ڪن هندن جي سنڌ ۾ حرڪتن کي مون جرمنيءَ جي يهودين سان مشابهت ڏيئي، سنڌ اسيمبليءَ ۾ تقرير ڪئي. تڏهن ساريءَ سنڌ جا هندو تپي باھ ٿي ويا؛ پر دادا چيٿمل، شاھ جي هن بيت موجب، مون کي سڀ معاف ڪري ڇڏيو؛

منهنجي مداين جي جڏ ڪل پريان پيئي،
ڪڏهن ڪوسا نه ٿيا ڏوراپو ڏيئي، (ڪوسا ٿيا نه ڪڏهين ڏوراپو ڏيئي)
ساجن سپئي ڍڪيم ڍول ڍلائيون!

مرحوم چوندو هو، ”هي پاڻ ردعمل جي چڪر ۾ ورتل آهي. سندس دل سالم آهي. پلي پٺڪي، وري ساڳين پاڻن تي موٽي ايندو.“

Gul Hayat Institute

شاهه لطيف ۽ سچل کي سمجهڻ لاءِ هن منهنجي وڏي رهبري ڪئي. مون کي ياد آهي ته سن واري بنگلي ۾ هڪ ڏينهن صبح جو ڏسان ته هي موج ۾ ويٺو آهي. پڇيومانس ته ”دادا، ڇا ڏٺو اٿو! “ چيائين ته ”صبح جو درياءَ ۾ ٻيلي منجهان اپرندي سج اها حالت آندي اٿم!“ ان وقت هي بيت اچاري رهيو هو ته:

”نيرانا ئي نيڻ نيئي، آڇ پرينءَ کي،
تن ستر ڪاڏا ڪيڻ، جن ڏٺو منهن محبوب جو.“

اسان جي ڪرمن جي ڦل جڏهن هندستان کان هي ٽڪرو ملڪ جو جدا ڪري پاڪستان قائم ڪيو، ته هر طرف هندو مسلم فساد ٿيڻ لڳا ۽ رت جا ريلا وهڻ لڳا. هن صوفي مرد لاءِ اها دردناڪ حالت سهڻ کان مٿي هئي. هندو لڏڻ لڳا، پر هي اٽل ٿي هتي ويهي رهيو. چي، وطن کي ڪيئن ڇڏبو! هڪدم ٻاهران آيل پناهگيرن جي مدد ۾ هتي جي هندن لاءِ، اقليتن جي جماعت ٺهرايائين، منهنجي جاءِ تي ميٽنگون ٿيڻ لڳيون. آخر مون سان، شيخ عبدالمجيد سنڌي صاحب ۽ صاحبزادي ستار جان ۽ ٻين سان گڏجي، هو سنڌ جي سير تي نڪري، هندن کي سمجهائڻ هليو ته وطن ڇڏي ڀڄي نه وڃو. پر هن جي ڪنهن به نه ٻڌي. انهيءَ ڳالهه هٽي هن کي بيمار ڪري وڌو. سندس ڪٽنب اڳ ۾ ئي بمبئي وڃي چڪو هو. لاچار، جڏهن علاج جو بهانو

ڏيئي، ڪيس بمبئي ڪٽائي پئي ويا، تڏهن آءُ جهاز تي ڪيس ملڻ ويس، چيومانس ته، ”دادا، اوهان پِرنُ ڪيو هو ته سنڌ ڪين ڇڏيندس، هاڻ چو ٿا وڃو!“ چيائين ته، ”بيماريءَ ڪري ڪٽي وڃنم ٿا، سگهو ٿيڻ بعد موٽي ايندس!“ پر موٽي ڪين آيو. آخر بمبئيءَ کان دادا لالچند جو خط آيو ته ”ادا سائين، اسان جو پريتم چينتمل پرسرام اڄ صبح جو پين بجي راه رباني وٺي زمندو رهيو. پڇاڙيءَ وارا ست ڏينهن سينٽ جارج اسپتال ۾ رهيل هو. علاج گهڻائي ڪيا ويا، پر ڦڪين فرق نه ڪيو. 5 جولاءِ 1948ع.“

ورهاڱي بعد گهڻائي صدما آيل هئا، پر هي وڏو هو. اڳئين سال جي ساڳيءَ تاريخ 6 جون 1947ع تي هن ڪراچيءَ مان مون کي هيٺيون خط لکيو هو.

”سنڌڙي: لڙ لهرين ۾ لڙهندي وڃان ٿي،
مئيءَ جي مدارث ڪج ڪا ميهار!
”ميهار: متان ٿئين ملور آءُ اڳانڌو آهيان،
ڏسڻ ۾ ڪر ڏور، پر حد ٻنهي جي هيڪڙي!
”پيارا! ويٺا واٽون نهاريون، هاڻ ٻڌون ٿا ته پريتم اڄا 25 ايندو.

گهر جي بيخوشيءَ جي خبر ٻڌيسون. اميد ته جلد ئي خوش باش ٿيندا. اچوڪيون خبرون ٻڌيون هونديءِ، ان

Gul Hayat Institute

وقت ورهاڱي جو اعلان ٿيو هو)، پر منهنجي دل ڪا نه ٿي لڏي:

اس چشم موري نَي ايسا اسرار ديڪا تها
ڪي بيچ ابر دي آفتاب ڪا انوار ديڪا تها.(سچل)

”سَنَ جي سَنَ منجهان پڏون ٿا ته ”سنڌ جو ڏهن سالن وارو آواز، قلمبند ٿي چڪو آهي. خاصو. اسان جي روح رهاڻ“ وري چپجي چڪي آهي، موڪلبي-چيئمل.“

مرحوم بنيادي طور ”آسرو مَ لاهيج“ ۽ توڪل جو قائل هو.

جتي ساريءَ دنيا ڪي ڪارن ڪڪرن ۾ اوندهه انڌوڪار ڏسڻ ۾ پئي آيو، اتي به هن روشنيءَ جو ترورو پئي ڏٺو. آءُ ان ۾ هن جو پڪو پوئلڳ آهيان. ”لاتقنطو امن الرحمة الله“ ۾ منهنجو پڪو ويساهه ويٺل آهي. دادا گذر ڪري ويل آهي، ليڪن ان جو آواز ڪنن ۾ گونجي رهيو آهي. هن نفرت ۽ دشمنيءَ جي ماحول ۾ جتي اُٿيهه واري اونداهي چؤطرف ويڙهي ويل آهي، اتي ڪنڌيءَ پر محبت جو ڪانهن جهلي بيٺو آهيان، ۽ شاهه جي لفظن موجب يقين اٿم ته انهن ڪکن ڪي ايڏي لڄ آهي جو نيئي ڪنڌيءَ پر ڪندا.

Gul Hayat Institute

آءُ دادا چيئمل جي حياتيءَ جي بيان لکندڙ روشن جهڱتياڻيءَ سان اکر اکر ۾ شامل راءِ آهيان ته، ”هي صاحب اعليٰ انسان هو.

هن کي انوکي شخصيت هئي. هو سچو سناتني، پڪو صوفي، نج ٿياسافسٽ، برک اديب، فصاحت جو صاحب، قوميت جو باني، ساميواد جو حامي، هندو-مسلم ايکتا جو کوڙيو، وشو پائپيءَ جو ڪانکي، پڳتي، شيوا ۽ قربانيءَ جو روپ، سنڌيت جو اوائلي نعرو هڻندڙ، اخبار نويس، گرنٿڪار، پرچارڪ سڀ هو، پر سڀ کان وڌيڪ هو اعليٰ انسان هو.“

http://www.sindhiadabiboard.org/Catalogue/Personalties/Book22/Book_page24.html

Gul Hayat Institute